Bed

هرا سيل بيٺا هي

(ڪوتائن جو مجموعو)

عاجز هندي

الهاس ناگر پبليڪيشن ۳-۰۰ رپيا

ڦراسيل پيڙهي

(ڪهاڻين جو مجموعو)

عاجز بيدي

الهاس ناگرڪ پبليڪيشن، الهاس نگر-٢

ڀومڪا

ساهتيه وڏن سمپردائن لاءِ ڪو نه هي. اڄ جڏهن سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ايتري ترقي ڪري چڪي آهي ۽ انساني دماغ جون قوتون اُن حد تائين وڌي چڪيون آهن جو ترڪ - شڪتيءَ سان هر غلط ڳالهه کي صحيح ۽ صحيح کي غلط ثابت ڪرڻ ان لاءِ معمولي ڳالهه ٿي وئي آهي، ان حالت ۾ اصل ساهتيه جهڙي گهڙ گهلي وڏا مان کهڙي وڏي اميد ٿي رکي سگهجي. حالت اها اچي بڻي آهي جو سياسي نرمالاجي سان ساهتيه جي ڪا لوڙ ڪٿي ٿي وڃي! ۽ سياست انساني دماغ جي غليظ ترين اُپج آهي. نتيجو اهو نڪتو آهي جو ڀوڳي پالي جيتا PERVERTED GENIUS جو شڪار بڻجي اهو سڀ ڪجهه ڀي اندر اُبر پيدي ٿي وڃي جيڪو قتي ڪرڻ جهڙو ۽ لڪائڻ جهڙو آهي.

"هر اصل پڙهيءَ" ۾ عاجز جون جيڪي سڀ ڪهاڻيون ڏنل آهن اُنهن جي رچنا ڪال ۾ وڏو مفاصلو آهي. "نئي خط" ڪهاڻي عاجز ۱۹۵۳ ۾ لکي هئي

- HIRASIYAL PIRHI,
  A collection of Sindhi Stories
  By Ajiz Bedi
- Print 1st
- Copies 500
- Price Rs. 3/-
- Date of Publication 15-8-1975
- Publishers Ulhas Nagarik Publications, 484/2, Ulhasnagar-2.

سوچي

وشيه	صفحو
✲ ٻه ڪا	٣
✲ ٻولي ۽ ساهت جا املهه وچن	٥
✲ ڪهاڻيون	
١- ڏور - ڏور - ڏور	٩
٢- گرنٿي	١٩
٣- وطن جي واسطي	٣٠
٤- اِن اسٽيشن جي ڏوميالي مفاصلي واري ڪهاڻي	٣٨
٥- سائي جهنڊي	٥٠
٦- سڄڻوڻي	٥٩
٧- هراسيل پيڙهي	٧٠
٨- نئي خط	٧٨

ٻولي ۽ ساهت جا اصول وڌن

(چوٿون ڪڙو)

موتيرام ٽاهوڻ مل سونهڇي

ٻولي، ماڻهن کي ملائڻ جي هڪ وڏي ۾ وڏي شڪتي آهي. ٻوليءَ سان ئي جاتي ٺهي ٿي. ڪنهن به ديس يا جاتيءَ جو ٻهريون آڌار جيڪڏهن ديس آهي ته ٻيو آهي ٻولي. جيڪڏهن ڪا به جاتي اتفاق سان پنهنجو ديس وڃائي ويهي ته ٻولي، جاتيءَ ايڪي کي قائم رکي ٿي ۽ ديس پيدا ڪرڻ ۾ به مدد ڪري سگهي ٿي.

”هراسيل پنڇي“ ١٩٧٥ جي رچنا آهي. آزادي ملڻ کان وٺي اڄ تائين ڀارتيہ جنتا نئيا نئيا زهر جا ٻُڪ ڀريندي آئي آهي. ڪڏهن قدرت ڏک ڏنا آهن، ڪڏهن وايو منڊل ڏک ڏنا آهن تہ ڪڏهن زمين تڪليفون ڏنيون آهن. انهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو اڄ ڀارتيہ جنتا جو هڪ نئين روپ اڀري بيٺو آهي - هراسيل پنڇي.

- ڪرشنلال ٻجاج ”پرديپ“

جنهن قوم کي پنهنجي ٻولي، ڀاشا، ساهتيه ۽ سڀيتا لاءِ پريم آهي اها قوم ڪڏهن به نه مرندي.

رام پرتاب راءِ پنجواڻي

اهو اَدب ئي آهي جنهن جي وسيلي مذهب ۽ فلسفي جو پرچار ۽ سائنس جو اعلان ٿي ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن اَدب ۾ ايتري وسعت نه هوندي ها ته ڪو پوري پيماني تي پرچار ٿي سگهندو ۽ نڪو سائنس جي سچي راز جي تهه کي پهچي سگهندو.

ليکراج ڪشنچند مرچنداڻي (عزيز)

ساهتيه قوم جو روحاني رت آهي.

ٿانورداس ليلارام واسواڻي (ساڌو واسواڻي)

ساهتيه پڙهڻ جا ٻه مقصد آهن، هڪ من جي موج ٻيو آتما جي اُنتي. هر ڪنهن انسان جي آزمودي جو دائرو محدود آهي، اُنکي بيحد وڌائڻ لاءِ ساهتيه جهڙو ڪو ٻيو سولو وسيلو نه آهي.

آتمارام ڪ. جڳنداڻي

سچي ۾ سچو سنگتي آهي سٺو پستڪ، جو "هاسل" نه وڙهي نه ورچي، پاڪ واڻيءَ سان جيو وندرائي ۽ وڌائي.

پروفيسر هاسانند چانڊمل (جادوءَ جو اُستاد)

تنهنڪري ڪنهن بہ جاتيءَ کي جي زنده رهڻو آهي ته انلاءِ پنهنجي ٻوليءَ جي رکيا ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

چوهڙمل ٽ ڏاريومل هندوجا

حب الوطن رڳو وطن کي سنڀارڻ لئه ملڪ لاءِ مرڻ ڪاڻ آهي. نڪي رڳو راڄنيتي لهرڪ هلائڻ ۾ آهي، پر پنهنجي ديس جي ساهت جي واڌاري ۾ بہ آهي.

ٽانڪرام ڌرمداس مرچنداڻي

هر ڪنهن قوم جي سڀيتا جو سماءُ، اُنجي علم اَدب مان پوي ٿو. اُنجي ترقيءَ جو مدار بہ اُنجي اَدبي فهم، احساس ۽ شناس تي آهي. جا قوم پنهنجي ساهتڪ ذخيري کي سانڍڻ ۽ وڌائڻ جو اُدم نہ ٿي ڪري، سا جهٽ زوال ۾ اچي ٿيو وڃي.

چيتنرام لهڪراج ماڙيوالا

ساهتيہ ۽ جيوت جو پاڻ ۾ گهاٽو سنبنڌ آهي. ڪا بہ قوم ساهتيہ بنا اُسري ۽ ترقي ڪري ٿي نہ ٿي سگهي. سنسار جا مال خزانا، جاهون، مندر ۽ يادگار سڀ ڀڄي ڀُري، ٻڌي سڙي ۽ زمين دوز ٿي وڃن ٿا، مگر ساهتيہ سندو خزانو ڪڏهن بہ ناس ٿيو نٿي ۽ سدائين اَمر آهي. اهو ساهتيہ ئي آهي جو ٻي جان ۽ سٽل قوم ۾ جان ۽ جذبات ڦوڪي ۽ ڀري ٿو.

منوهرداس ڪوڙومل ڪلاڻي

دور - دور - دور ....

عاجز ٻيدي

نيلم !

هو رکجي ويو، اوچتو، هلندي، هلندي. لاچار مون کي به رکجڻو پيو. آسپاس نظر ڦيرايم، ڪا به اهڙي مورت صورت نظر ڪونه آئي جنهن ۾ مقناطيسي ڪشش هجي. پر پسند پنهنجي پنهنجي آهي.

چانهه پيئڻ گهرجي.

اچو، ته هيءَ چانهه جي ڪشش هئي، برابر نيلم، سامهون ئي هئي. نيلم ريسٽورانٽ.

اسين ٻئي اندر وياسين. ڇٽين کي ٻاهر رکڻ لاءِ پربند نه هو. پر اسان کي ان جي ڪا ضرورت ڪونه هئي. هٿن تان پاڻي اڏائي. مان ۽ هو سميڪا جي هڪ ٽيبل، جي اڳيان وڃي ويٺاسين.

”ٻه پيالا.“

چانهه اڄ جي سڀيتا جو هڪ انگ ٿي پيو آهي نه ؟

جيڪڏهن سنڌيءَ کي زندهه رکڻو آهي ته اها صرف ديوناگريءَ ۾ ئي زنده رهي سگهندي. جيڪڏهن جدا جدا ڀاڱن ۾ پکڙيل سنڌين ۾ مٺن ماڻهن کي ٻه هڪٻئي سان لهه وچڙ ۾ وهنوار چالو رکڻو آهي ته اهو به تڏهن ئي سگهندو جڏهن سڀ سنڌي هڪ ئي ديوناگري لپيءَ ۾ لکندا.

ڏرملداس گربخشاڻي



ڏس لڏهڻو نصيب ڪٿي ٿو پلو کائي.

هو زور زور سان ڳالهائڻ لڳو. "ٻار نصيب پلو کائي يا نه کائي، پر مان پلو ضرور کائي ويندس ڇاڪاڻ ته نڪون آسمان ۾ ۽ مٿو لڳيءَ پيو."

بازار ۾ سڌو هلندي هلندي اوچتو هن پلو کاڌو، نه .... اها ڪهڙي پرٺي رهجي وئي، هاي آ."

هن سان اڪثر ائين ٿيندو آهي. پنهنجي وچ، غلطي ڪرڻ هن جي عادت آهي ۽ جاڳندي خواب لهڻ مجبوري.

جنهن دڪان جي اڳيان هن اچي ٻيهاريو، اهو پراڻن ڪتابن، پترڪائن ۽ رف ڪاغذن جو گدام هو. مان ان جي مالڪ کي چڱيءَ طرح سڃاڻان. اول ٿي ٻڌائي ها ته مان ڪيس سڌو هن دڪان جي سامهون اچي کڙو ڪيان ها.

دڪاندار پاڻ ٽٽل ڪرسيءَ تي ويٺو هو. ميرا، ڦاٽل ۽ گدلا ڪپڙا. خود به ان ڪباڙخاني جو هڪ حصو لڳي رهيو هو. غريب انسان آهي. ٻڙڪون ڇڪيندو آهي ۽ غم غلط ڪرڻ لاءِ هميشه پيتل موب رکندو آهي. آواز ڀاري، اکيون لال، ساهن ۾ شراب جي تيز بدبوءِ. مان هن کي ڏسي اڪثر سوچيندو آهيان، جڏهن دوزخ جي پهريدار جي تصوير ڪڍڻي هجي ته هن شخص کان وڌيڪ موزون ٻيو شخص ملڻ مشڪل آهي.

هن مون سان رام رام ڪئي. منهنجي دوست ۽ هن

اهو چانهه جو سطحي روپ آهي. درحقيقت ان شيءِ جي اندري پرچار جو سبب ٻيو آهي.

"اڇا! ڪهڙو؟"

گهرو ڀاڻا. جنهن وقت ڪوئي چانهه آڇي ٿو، لڳي ٿو ڄڻ جوان گهر ڌياڻي پيار آڇي رهي آهي.

گهر ڌياڻي؟

مطلب اهو آهي ته گهر ڌياڻيءَ جهڙي ئي پنهنجائپ رکندڙ ڪابه .... هتي گهر ڌياڻيءَ جو مطلب ڪو خيالي پتل زال ڪونهي، پر پنهنجائپ ئي آهي.

هن زور زور سان کلڻو. مونکي سمجهه ۾ ڪونه آيو ته آخر ان ڳالهه کي ڪنهن سان ڀيٽيان. اُن وقت وري چانهه ڪٽي آيو.

چانهه جا ٻه گرم گرم ڍڪ پيئي هن چيو، "پيار دنيا ۾ هيڪڙن ساراهڻن ڇوڪرين روز جوان ٿيون ٿين پر پنهنجي نصيب ۾ هيءَ وانر پروف ڪوٽ، هيٺ ۽ جوتو ئي لکيل آهي."

"نصيب جو رونا ڪمزور روئندا آهن. حقيقت ۾ پنهنجي نصيب ۾ جي ڪا شيءِ نه لکيل آهي ته، اها همت آهي. سر جو سانگو لاهي ڪنهن جي نه ڪرائيءَ ۾ ڪٽي هٿ وجهه، نصيب توکي اصل ڪونه روڪيندو. پيو ڪجهه نه ڪري سگهين ته ڪنهن چندرمکي، مرگهه نئنيءَ جي در جي سامهون فراسي وڇائي ويهي رهه. پوءِ

باقي هنکي ڏنڊو نہ ڪرڻ تہ ڇٽي سگهجي. مهيني ۾ ڪي ٻہ چار ماڻهو ڪم وارا ايندا آهن، باقي ٻيا تہ ڪتابن کي اُٿلائي پٿلائي هليا ويندا آهن. مان بہ دل ۾ چوندو آهيان ٻيو نہ تہ ڪتابن جي ڪجهہ مٽي تہ صاف ٿي، شڪر آ ...."

هو ڪلڪ لڳو. ڪل جي آواز سان گڏ شرابي ساهہ جو هڪ جهونڪو بہ لهرون کائيندو هليو ويو.

ڪباڙئل جو گهر بہ دڪان سان ڳنڍيل آهي. ٻاهر اهين ڇوڪ ڏيندو تہ هيءَ دڪان سندس گهر جي ايڪسٽينشن آهي. هن دڪان ۾ ٿي پاسي ڪبان هڪ ننڍڙو در آهي جنهن تي ٻابا آدم واري زماني جو تواريخي اهميت رکندڙ پردو ٽنگيل هوندو آهي، جنهن کي پاسيرو ڪري ماڻهو هن جي گهر ۾ داخل ٿي سگهندو آهي.

اوچتو ان پردي جي پٺيان ڪجهہ چرپر ٿي. ڪباڙئل مون سان ڳالهائيندي ڳالهائيندي ٻاهر هليو ويو هو. شايد سامهون واري دڪان تان ٻيڙيون وٺڻ. مون پردي ڏانهن چور نظر سان نهاريو. لڳو ڄڻ ڪا چرڪري، جوان ۽ ڪمزور پردي جي اوٽ مان ڪجهہ ڏسي رهي آهي. شايد اُها ئي ڪباڙئل جي سڪيلڌي ڌيءَ آهي. جنهنجي سارہ ڪندي هو ٿڪجو ئي ناهي. ٿڪ ئي نہ آهي. جنهن ڪباڙخاني ۾ رڳو ڪتاب هجن، اُنجي مالڪ جي ڌيءَ

شخص جي ڳالهه ۽ نهارڻ جي نموني مان مون سمجهي ورتو ته ٻئي هڪ ٻئي لاءِ اجنبي آهن.

منهنجي دوست گفتگو جي شروعات ڪئي، "مون کي ڪجهه پراڻا ڪتاب کپن..."

دڪاندار هڪدم وراڻيو، "سڄو دڪان توهان جي سامهون پيو آهي. حڪم ڪريو ته هڪدم ڪڍي اچان... اصل ۾ هن دڪان کان وڌيڪ پراڻا ڪتاب، آهه مون رائٽر بوڪس، توهان کي ڪٿي به ڪونه ملندا. يُو ڪانٽ گيٽ اني ويئر ان دي ٽائون."

منهنجي دوست دڪان تي سرسري نظر وجهندي چيو، "مونکي ڪي دو اصل پراڻن انگلش ۽ فرينچ ڪوين جي ڪتابن جا اوريجنل ايڊيشنس کپن."

دڪاندار دڪان جي هڪ ڪنڊ ڏانهن هٿ سان اشارو ڪيو، "ان قسم جا ڪتاب هن پاسي رکيل آهن. اچو، پاڻ اچي چونڊ ڪريو."

منهنجو دوست دڪان جي ان ڪنڊ ڏانهن هليو ويو ۽ ڌوڙ ۾ ٻڏل ڪتابن جي ڍيرن ۾ هيرن موتين جي چونڊ ڪرڻ لڳو. وقت ڪاٽڻ جي لحاظ کان مون ڪباڙيءَمل کان پڇيو، "ڪٿان پائي، توهانجو هيءُ ٽنڊ، ڪٿي پيو هلي؟"

ڪباڙيءَمل ڀرڀرو ويٺو هو. هڪدم چيائين، سائين، هي اسانجو ٽنڊو آهي .... منهن ۾ ڌوڙ پائڻي آهي.

اوچتو اندران آئين ڪل، هڪ ڪڙڪدار ۽ آزاد ڪل، جنهن ماحول کي اوور لئمپ ڪري ورتو. اها جاندار کل، اکين جي شرخ چمڪ جو احساس پاڻ سان کڻيو ٿي هليو. جوان جوان اُمنگن جي هڪ بيباڪ نمائشي تصوير. مون محسوس ڪيو، اُمنگ جسم جو نه، پر روح جو عيوضي آهي، نه ته جنهن ڪمزور ۽ ڏٻري شرير کي مون پرديءَ جي اوٽ ۾ ڏٺو هو، ان جو هن مڪمل ٽهڪ سان ڪو دور جو به واسطو نٿي لڳو.

منهنجي دوست هڪ ڪتاب هٿ ۾ اوڏانهن ڇڏيو، ”هي ڪتاب هڪ ان قياس جوڳي ليکڪ جو لکيل آهي، جنهن غم جو اظهار روئي ۽ خوشيءَ جو کلي ڪيو آهي.“

مونکي کل اچي وئي. ”ڇا انهن احساسن جو اظهار ڪجهه ٻئي نموني به ڪيو ويندو آهي؟“

”در اصل اڪثر رچناڪار ڇپيل سان ٻيلا پڌي، ڪڏاري وقت ٿي بيهي، وچ سفر ٿي جون ڳالهيون ڪندا آهن. انڪري هنجي سچ ۾ به ڪوڙاڻ هوندو آهي.“

”تون خود جيڪر ڪهڙي احساس کي ڪهڙو اظهار ڏين؟“

”اهو حالتن تي مدار ٿو رکي.“

”ڇا جون حالتون؟“

”هر ڳالهه جون حالتون. ڪردار جون حالتون، آس

۽ نه سؤ في صدي راڄ ئي نه هوندي؛ ڪنهن ٻـواڻي شاهوڪار وانگر.

ڪمري ۾ اندر تيز تيز چرپر ٿيڻ لڳي. شايد ڪو ڌاريو ماڻهو اندر آيو هو. ڇوڪريءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، "اچو، اچو، هيترا ڏينهن ڪٿي هئا؟"

۽ ڪنهن عورت ڪجهه جواب ڏنو ۽ پوءِ ڪمت لسي ولهڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

منهنجي دوست هڪ ڪتاب جي ڇوري اُسان مٿي صاف ڪندي چيو، "مون کي ڪافي اڳي هتي اچڻ کپندو هو. هي ڪتاب ڏس، مان ڪيترا سال هن لاءِ تڙپندو رهيو آهيان. ڪٿي ڪٿي نه مون ڳولها ڪئي آهي ۽ هي هتي پيو آهي..."

اُن وقت ڪٻاڙيمل به اندر آيو. چيائين، "سائين، قدردانن جي ضرورت آهي، نه ته ڪٻاڙخاني ۾ ڇا ڇا نه هوندو آهي."

"اوهين بلڪل ٺيڪ فرمائي رهيا آهيو. سچ پچ اوهين راڄ شين جا مالڪ آهيو. مڇي ولس."

ڪٻاڙيمل جو شرابي منهن هو هو ڪري کلڻ لڳو.

منهنجو دوست! وري ڪتابن کي اٿلائڻ پٿلائڻ ۾ لڳي ويو ۽ مان ڪٻاڙيمل جي منهن مان نڪرندڙ دونهين جي بادلن مان شرابي بوءِ جهڙي بساند وٺڻ جو نظارو تصور ۾ ڏسندو رهيس.

۽ ان بعد ڪي آواز جيڪي ايترا چٽا ڪونه هئا جو سمجهي سگهجن.

ٻاهر برسات بند ٿي چڪي هئي. ماڻهن جي آوت جاوت چالو ٿي ويئي هئي. اسين ٻئي چپچاپ گهٽين مان لتاڙيندا مين بزار ڏانهن وڃي رهيا هئاسين. بزار ۾ ٿلهي مان نيلم طرف وڌيس. منهنجو دوست به اوڏانهن هلڻ لڳو. چپچاپ بنا ڪجهه ٻڌڻ يا چوڻ جي.

نيلم ۾ اسين ٻئي آمهون سامهون ٿي ويٺاسين. ٽڙو چانهه ڪٽي آيو. گرم گرم پيڪ ان ماحول ۾ سٺا لڳي رهيا هئا.

مون چيو، ”هن وقت چانهه زندگيءَ لاءِ هڪ ضروري شيءِ مثل لڳي رهي آهي.“

”هائو.“

اوچتو مون محسوس ڪيو منهنجي دوست کي ڪجهه ٿي ويو آهي يعني هنجي ڳالهائڻ ۾ اُهو اُمنگ، اُها لوچ، اُها زندگي، اُهو موجودگيءَ جو احساس ڪونه آهي جيڪو ڳالهين جي سلسلي کي اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ڪندو آهي. ائين ٿي هن جسم جو روح ڪٿهن سفر تي نڪري ويو آهي، باقي جسم ۽ جان هڪ ٻئي ڏانهن واڻڻ وانگر نهاري رهيا آهن.

مون هنجي هٿ تي هٿ رکي ڪجهه لنز آواز ۾ چيو، ”خيال ڪٿي آهن انهجا؟“

پاس جون حالتون، عمر جون حالتون، وقت جون حالتون، مڪان جون حالتون ....“

مون کيس وچ ۾ ڪٽي چيو، ”۽ حالت جون ا— حالتون ....“

هن به هڪدم چٽي ڏنو، ”ٺيڪ پوءِ.“

اندران ريلوءِ جي سٽي ڦيرڻ گهيرڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ڪنهن سٽيشن تان گاڏا اچي رهيا هئا. پر سٽي آئي ته جهلي وري هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائي وئي ۽ هڪ هنڌ جتان ڦيرون اچي رهيون هيون اُتي سٽي بيهاري وئي.

منهنجي دوست ڪيرتمل کي چيو، ”پائي هاڻي ته مان هي چار ڪتاب کڻي ٿو وڃان، وري فرصت ۾ اچي ٺوس ٺوس ڪندس.“

منهنجي دوست ڪيرتمل کي پيسا ڏنا ۽ ڪيرتمل به کيس فائديمند گراهڪ سمجهي وري اچڻ لاءِ ڪافي پنهنجائپ سان چيو ۽ منهنجي دوست به کيس وري اچڻ جو وچن ڏنو. بشرطيڪ وقت مليو ته.

اندران ڪنهن شيءِ جي ٽٽڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. گرم گرم گيهه ۾ ڪا شيءِ وڌي ٿي وئي ۽ هڪدم پوءِ اهو ساڳيو ئي کڙڪدار آواز، پر غصي سان ڀريل ٻڌڻ ۾ آيو. ”مونکي تنهنجون اهي ڳالهيون پسند ڪونه آهن. هر وقت مٿان چڙهي بيٺو آهين. ٽرس ته ڏيانءِ ٿي.“

گرنٿي

ماجر بيدي

گرمک سنگهه آئيني جي سامهون اچي بيٺو. پڳڙيءَ
کي سنواريائين ۽ لمبيءَ اڇيءَ ڏاڙهيءَ تي هٿ
ڦيرينديءَ دريءَ کان ٻاهر نهاريائين. آسمان ۾ ڪارا
ڪارا بادل مڙي آيا هئا. صبح جون ڪرڻون ٻاڦ جا
پردا ٽوڙي نڪرڻ ۾ پوريءَ طرح ناڪامياب ٿيون
هيون. ائين ٿي لڳو ڄڻ ته آسمان ۾ ڪڏهن سُورج
نڪتو ئي ڪونه هو. دنيا جي شروع کان وٺي بادل ئي
بادل هئا. گرمک سنگهه آئيني جي سامهون وڌيڪ دير
نه بيهي سگهيو. بادلن جي هولناڪ راند کيس ٻاهر
ڏانهن ڇڪڻ لڳي. هو وڏي، دريءَ وٽ اچي بيٺو
۽ شيشن کي ٻنهي هٿن سان جهلي مٿي نهارڻ لڳو.
بادل مست هاٿين وانگر آسمان ۾ گرجي ٻوڙي
رهيا هئا. چوطرف ڇانيل اونڌيرو ۽ سندن ٻوڙڻ جي
ڪري اُداسي مٿيءَ مان ٻڌل ٿي لڳو. برسات -
وڏي برسات - اچڻ واري هئي. اڄ گرمک سنگهه

هن منهنجن اکين ۾ اکيون وجهي ڪومل ڪومل آواز ۾ ”پيار ۾ انسان جو هر حواس ئي انتها ايمانداريءَ سان نه فقط پنهنجو فرض پالي ٿو، پر پنهنجن حواسن جون جهلڪون به پسائي ٿو، تو ڪڏهن اهو محسوس ڪيو آهي؟“

مون عجب مان پڇيو، ”ڇا تنهنجي هيءَ عمر پيار جي مسئلن تي سوچڻ جي آهي؟“

هن ساڳئي ئي ڪومل ڪومل آواز ۾ جواب ڏنو، ”پيار ڪنهن به گرانٿين واري ”نالي“ جو نالو ڪونه آهي. تون منهنجيءَ هن عمر تي عجب ٿو ڪرين! دوست، پيار کي پورنتا تائين پهچائڻ لاءِ ڪئين عمرون کپن، ڪئين زندگيون کپن...“

۽ مان سوچي رهيو هوس ته ٻالم کان ڪباڙيمل جي گهر ۽ ڪباڙيمل جي گهر کان وٺي ٻالم ٿانون جي درميان مفاصلي ۾ ڪٿي نه ڪا ڳڙٻڙ ضرور آهي.“

هو مون کان پڇي رهيو هو، ”پتاءِ، ڇا آواز کي ڪا صورت ڪونه آهي؟“

❖❖❖❖

شروع ڪيائين:

"اِڪو اونڪار ... واڪ، واهگلي مهلا...."

شبد تي نظر پوندي ئي کيس هڪ جهٽڪو لڳو. ان شبد سان سندس جيون جون ڪيتريون ڪڙيون؟ ڊرڊيل يادگيريون ڳنڍيل هيون. ٻار جي يادن وانگر جيون جا سڀ ڪڙا پل هڪ ئي ماڻ ڪرندا سندس اکيان هڪ الاهه اجهاڳ درياهه پيدا ڪرڻ لڳا. انهيءَ درياهه ۾ سڀ ڪجهه ٻڏي ويو. روشني، گجگوڙ، برسات، هوا جا سوسات، گرانٿ، شبد- سڀ ڪجهه. اکين جي سامهون لهرون هيون؟ لهرن ۾ لڏندڙ- مٽجي ٺهندڙ، ٺهي مٽجندڙ ماضيءَ جون دل ڪاندارينڌڙ تصويرون...... پنهنجي گهر کان اڌ ميل کن پري هڪ شرڌالو سک جي گهر گرمکهه سنگهه پاٺ رکيو هو. اکنڊ پاٺ هو. ائين ڏينهن رات جو اڻٽُٽ ڏيڍ ٻجي جڏهن وقت هو پنهنجي هڪ ٻاتي مِتر جي واري وٺي ويٺو هو جيڪو ڪنهن ضروري ڪم ڪري گهر ڏانهن ويو هو؛ اهو سا ڪيو ٿي شبد شروع ڪري ويٺو هو ته سندس ڪنن ۾ هڪ اهڙي ٻاڪ- ٻاڪ ٿي جڏهن سندس ڌيان گرانٿ کان ئي هٽائي ڇڏيو. پريتم سنگهه ڪوالرا جي ڌيءَ رٽيٽڪور ائين ڪري ۽ وٺي ڪنهن ساهڙيءَ کي ٽوڪبازيءَ واري سُر ۾ سس- ٻس ڪندي ٻڌائي رهي هئي. "اڄ ستونت ڪور جي چانڊي آهي..."

اڃا ئي ويٺو هو تہ وڏ-ڦڙو مينهن چالو ٿي ويو. ان
سان گڏ زور واري هوا سوُساٽ ڪري دريءَ کان اندر
اچڻ لڳي. هو ٿڌي پاڻيءَ جا ڇنڊا نہ سهي سگهيو.
تڪڙو تڪڙو پوئتي هٽڻ لڳو. پر مينهن دريءَ کان
اندر اچي رهيو هو. هوُ وري اٿي وڌيو ۽ تڪڙ-تڪڙ
۾ دريءَ جا ٻئي طاق بند ڪيائين. هاڻي کيس آنند
اچڻ لڳو. ڄڻ ڪا آپدا ٽري ويئي هجي. پر اڃا
ٻاهريون در کليل هو. هن اهو بہ بند ڪيو. ڪمري ۾
اونده ڇانئجي وئي ۽ هاڻي کيس خيال آيو تہ ڪڏهن
ڪڏهن ڏينهن جو بہ بتي ٻاري ويندي آهي. اٿي
وڃي سئچ آن ڪيائين. ڪمرو ٽيوب لائيٽ جي
ٿڌي پرڪاش سان ڀرجي ويو.

گرمک سنگهہ ڪمري جي هڪ ڪنڊ کان سينگاريل
تخت تي وڃي ويٺو. گرنٿ جو رومال لاهيندي هن
چپن ۾ ڪجهہ ڀڻ-ڀڻ ڪرڻ شروع ڪئي. ڪجهہ دير
بعد هن جو آواز ڪافي اوچو ٿي ويو. هو مٺي سر ۾
آلاپي رهيو هو:

”سرب سکن کو حکم هئہ، گرو جي مانيو گرنٿ
گرو گرنٿ جي مانئي سرب گران دي ديهہ۔
جا ڪا هردا شد هئہ، کول شبد مهہ لبهہ“

هن گرنٿ کوليو پنا هيڏانهن هوڏانهن ورائين ۽
پوءِ هڪ هنڌ پڙهڻ کي اسانئي هٿ ڦيري وڃڻ ولڻ

معاف ڪجانءِ ....!"

گرهستين جي سمجهه جو بندوبست اڳي ئي ٿيل هو. پر ان رات گرمک سنگهه لاءِ هڪ پل به اڳي وڌيڪ ترسڻ ممڪن نه هو. نڪرڻو نڪرڻو هن بوٽ پاتو ۽ ونڊيون ونڊيون پرانگون پيرندو گهر ڏانهن وڃڻ لڳو. رات جو آخري پهر اڌمت ننڊ ۾ السوت هو. رستا، جايون، دڪان، ٿيون سڀ سمهيل ٿي لڳا. سندس بوٽ جو آواز دور دور تائين پکڙجي رهيو هو.

سڄي رات هو ٿڙڪندڙ دل سان گهر ۾ ٿيندڙ ڪارنامن بابت نه چاهيندي به سوچيندو رهيو. اهو ڪير هوندو؟ سٿونتڪور سان هن جو رستو ڪيئن ورتو؟ ڪڏهن کان هو لڪي ڇپي ملندا رهيا آهن؟ جي هو اڄا به اڳي هوندو ته ڇا ٿيندو؟ اهو سوچيندي ئي سندس همت پاسي ۾ لڪندڙ ڪرپاڻ تي وڃي پيو ۽ ڪلپنا ۾ خون جو تلاءُ سندس اکين اڳيان ڇوليون مارڻ لڳو. هن وڌيڪ غور سان نهاريو ته ان ۾ هڪ لاش به پئي ترڻيو. ڪنهجو؟ ڪڏهن سٿونتڪور جو ۽ ڪڏهن ڪنهن اڻڄاڻ پرش جو.

گهر جي ٻاهرين در وٽ پهچي ڪري به دو ڪڙڪائيندي گرمک سنگهه جي دل ٿڙڪڻ لڳي. خبر ناهي ڪهڙو نتيجو نڪري. گهر کان ٻاهر نڪرڻ جو اهو هڪ ئي رستو هو. جيڪڏهن ڪو اندر هوندو ته ڪٿي وڃي

”سندس گهر ساجن ايندو ... اڪيلو گهر .... سڀاڳو ....“
۽ ان بعد هوءَ سڏڪو نهڪ ڏيئي ڳائڻ لڳي هئي :-
”هر گهر ساجن آئي ....“

گرمک سنگهه جو ڌيان گرنٿ تان بلڪل هٽي ويو. سٽولنت ڪَوَر سندس ئي ساماٽيل ٻهراڻ ڌيءَ جو ٿالو هو. مدت ٿي سندس زال گذاري وئي هئي. ٻنهيان صرف اِها هڪ نشاني ڇڏي وئي هئي - چند جهڙي ڇهري واري، ڏکهي، مٺو ڳالهائيندڙ ۽ مرڪٽي سڀاءُ واري سٽولنت ڪَوَر. گهر ۾ ٻيو ڪوبه ٻالــي ڪونه هو. گرمک سنگهه ٻيءُ ڪان وڌيڪ ٻاڻ ڪي ماءُ سمجهي ڌيءُ جي پالنا ڪئي هئي. پر هو اڄ ڇا ٻڌي رهيو آهي؟ گرنٿيءَ جي گهر جي ڪنيا ۽ اهڙي.....! هن سوچيو هو - سٽولنتڪَور جي روپ ۾ پاروت ڪي هڪ ٻي سيتا هڪ ٻي ساوتري ملي ويندي. پر هي الٽو ليکو ڪيئن ٿي ويو؟ ان رات هو ٻدا اٿلائيندو رهيو، لڪت ٿي پاسا بدلائيندو رهيو، دل ۽ دماغ ۾ اجايون سجايون ڪلپنائون ڪندو رهيو. ۽ ان طــرح سندس مٿو جي واري ختم ٿي وئي. آخر سان ٻئي پاتيءَ ڪي ٻچاڙيءَ جو اڪــر ڏيکاريندي ۽ ٻاڻ ۽ زور زور سان اها سٽ پڙهندي هو ڪلپنا ۾ ئي ڏوهه بخشائيندي سوچيندو رهيو - ”هي بابا نانڪ، مان انسان آهيان.... نــه سهي سکهيس...... ڏوهه گناهه بخشڻ‌ء بابا، ڏوهه گناهه

اندر اچي ڀاتي - ڪيهائين هن سڄي گهر جي تلاشي
ورتي ڪٿي به ڪوبه اڪيلو ڪونه هو. نه وري
ڪنهن ٻئي جو نشان ئي کيس مليو. ته به باقي رات
کيس ننڊ نه آئي. ۽ هو اهو ئي سوچيندو رهيو ته انسان
چاهي ته هو ڪوبه نشان ڇڏڻ بنا وڏي ۾ وڏو پاپ
به ڪري ٿو سگهي ۽ ان قسم جا ڪيئي مثال ڪيئن
اڀرازون سندس دماغ ۾ ٻوڙنديون رهيون.

ٻئي ڏينهن صبح جو کيس سندر واري ڪمري جي
هڪ ڪنڊ ۾ سگريٽ جي رک نظر آئي. هو سمجهي
ويو ته رات جا ڪير هوندو ۽ ڪٿي ويو هوندو. سندس
دل ايترو ته زور سان ڌڙڪي رهي هئي ۽ بدن اهڙو
ته جوش ۾ ڪنبي رهيو هو جو سندس لاءِ ان جڳهه
تي هڪ پل ترسڻ به جڻ موت کي نيڊ ڏيڻ جي برابر
ٿي پيو. هو اٿيو ۽ ضروري ڪمن کي لڳي ويو. پر
سندس دماغ ڦاٽي رهيو هو، ٻري رهيو هو، ڦڙڪي
رهيو هو.

ان ڏينهن کانپوءِ گرمک سنگهه گهڻو رهڻ لڳو. گهر
کان ٻاهر به گهٽ نڪرندو هو. ڪنهن وقت مرڪ
نڪري ويندي هئس ته اُن محسوس ڪندو هو جڻ
ڪو گناهه ڪيو هجائين. سندس چهري تي سڄي مرڪ
ان ڏينهن آئي ۽ اها گناهه به معلوم ته ٿي جنهن ڏينهن
سترونتڪور جو پاڻ سردار گرمک سنگهه سمگر سان ٻڌو

اڪيلو؟ سندس دماغ ۾ سڀئي ڪنهن ڪرڻ جا چٽو ڦري ويا. نه، پنهنجي عزت انهيءَ کي هو ڪڏهن به معاف نه ڪندو. سندس مٺ ڪرپاڻ جي قبضي تي مضبوط ٿي وئي.

پنج ڇهه دفعا در کڙڪائڻ کانپوءِ اندران سنولتڪڙو جو ننڊ ۾ ٻڏل آواز ٻڌڻ ۾ آيو. سندس شڪي من ان سوالپاوڪتا ۾ به بناوت جو تصور ڪرڻ لڳو. هوءَ ضرور جاڳندي هوندي. ٻهراڙون کڙڪو ڪن پوندي هن بدمعاش کي ڪٿي وڃي لڪايو هوندائين. هاڻي انهن ٿي ڏيکاري ڏئي جڻ اٿي ٿي هاڻي آهي. شڪ جو هڪ جيڏو پاڇو به ورهين جا وشواس ڊوڙي ڇڏيندو آهي.

اندرئين ڪمري ۾ لالٽين ٻاري وئي ۽ ان بعد در کليو. گرمکه سنگهه جي سامهون سندس ڌيءَ سنولتڪڙو بيٺي هئي. وار منجهيل، اکيون ننڊاکڙيون، منهن ٻانسي، چهرو اتل ۽ منجهيل. ڪپڙا وکوڙيل سڪوڙيل، بدن لڙ وڙ- بيڙو. اهو سڀ هو پهرين نظر ۾ ئي ڏسي ويو. سندس دماغ ۾ به خيال چڪر هڻڻ لڳا. جنهن روپ ۾ سنولتڪڙو سامهون بيٺي هئي اهو ننڊ مان اٿيل ماڻهوءَ جو ئي ٿي سگهي ٿو. پر انهن به ٿي ٿو سگهي ته اهي سڀ ڳالهيون پاپ جو ئي نتيجو هجن. ضروري ناهي ته هر نهورايل انسان ننڊ مان ئي اٿيو هجي.

تصويرون تـــرورن وانگر چمڪي سندس دمـاغ کـــي ڀٽڪائينديون رهيون. آخر هن مٿي کي زور سان جهٽڪو ڏنو ۽ زور زور سان شبد اُچارڻ لڳو. من کي ٻئي پاسي لڳائڻ لاءِ هن پنهنجون اکيون ساموهون ٽنگيل گرو نـانڪ جي وشال مورت تي کُتي ٽڪايون.

اوچتو ڪُلي مندر جي در کي زور زور سان ٺوڪڻ ۽ ”ٻاباجي – باباجي“ چلائڻ لڳو. گرمک سنگهـــ سمجهي ورتو – ٻي مائي هوندي، سردار راج سنگهه جي مـــاءُ. جيڪا ساموهون واري ٻلڊنگ ۾ رهندي هئي ۽ جنهنجو پٽ موٽرن جي هڪ ڪارخاني ۾ منيجر هو. هن جلدي جلدي اُٿي در کوليو، ساموهون برابر ٻيءِ بيٺي هئي. بدن تي رلي – ڪرتي، هٿ ۾ ڇٽي، پيرن ۾ واٽـــر پروف جتي. سيءَ سبب هوءَ ڪنبي رهي هئي. چاهيندي به گرمک سنگهه، هنکي اهو چئي نه سگهيو ته هيڏيءَ برسات ۾ مٿو ٽيڪڻ لاءِ اچڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. گرو بابو ته هر هنڌ موجود آهي. ڪٿي به سر جهڪائجي هن جي دربار ۾ قبول پئجي ويندو. هوُ صرف اچـــرج ڀريل نظرن سان اُن سٺ – ستر سالن جي شردالو ٻڍيءَ ڏانهن نهارڻ لڳو.

ٻڍيءَ ٽڪڙو اندر اچي هٿ جوڙي چيو، ”باباجي، ست سري اڪال.“

”ست سري اڪال.“

ويو ۽ پاڻين لائون پڙهيون. ان ڏينهن گرمک سنگهه ڏاڍو خوش ٿي لڳو. هن نه صرف پنهنجي دل جو بار هلڪو ڪيو هو بلڪ ڌيءُ جي خواهش جي وٽ ڪئي هڪ ٿاپڙ ڏيئي مريادا جا ڪنارا ٽوڙڻ جي پاپ کان بچائي ورتو هو. هاڻي هن جي ڌيءُ آزاد هئي. ٻنڌن ۾ ٻڌي ٻيءُ ڌيءُ جا سڀ ٻند خلاص ڪري ڇڏيا هئا.

ان هوندي به، جڏهن جڏهن مندر جي ان خاص ڪمري ۾ سندس نظر پوندي هئي ڪاپڙا ۽ سکوامتي جي رک اڀري ايندي هئس ۽ سندس دل روئڻ چاهيندي هئي. آخر به هوءَ سندس ڌيءُ هئي آخر به هن دنيا ۾ هڪ اهڙو انسان آزاد گهمي ٿي جنهن حڪم سنگهه ۽ سنتوکڪور کي پاڻ- پاڻي ۾ ٻڌل ڏسي من ئي من ۾ خوب ٽهڪ ڏنا هوندا. شايد اهو اوسي- پاسي ۾ ٿي رهندڙ هجي. ۽ سندس سچو پدن ڏانهن وانگر ٽڙڪڻ لڳندو هو. ان ڪانسواءِ هو ڌوڪيباز به هو. هن سردار حڪم سنگهه کي ڌوڪو ڏنو هو. پر ان ڪانسواءِ هو ڇاڻي ڪري سگهيو. هو هڪ ٻيءُ هو- ٻيا ماءُ جي ڌيءُ جو پيءُ! هن کي ٿي ڌيءُ جا اهنج سمجهڻا هئا ۽ سندس راه جو هڪ ڪنڊو سو ٿي ان جي جاءِ ٿي گل وڇائڻا هئا.........

گرمک سنگهه لاءِ شبد پورو ڪرڻ مشڪل ٿي پيو. اکين جي اڳيان ڌالد چانڊي وانس ۽ ان ۾ ماضيءَ جون

پڳتي، ڪٿي مان ... گرڏي گوڏي پاپ - پنڪ ۾ ڦاٿل .... اڪيانڻ .... نه بابا، اُن مها - پرڪ سان مون کي نه پيمت .... مان هنجي پاڇي کي به نه ڇهي سگهندس...."

گرمڪ سنگهه مائيءَ جي نماڻي منهن ڏانهن نهاريو. اوچتو هن کي مائيءَ جي منهن مان تيج جي ڌارا وهندي نظر آئي. سندس اکيون ان تيج تي ڄمي ويون. اوچتو، ڪال، استان ۽ پرستش جا سندا ميهاوجهي ويا. هڪ مندر هو. هڪ لذت هئي، هڪ ڪرامت هئي، هڪ ڪرتي هو ۽ اُن جي سامهون سترنڪُر - ستر سالن جي جهڙُو ايڏي سترنڪُر ڪنهنڊ بدن سان ليٽي هئي. سندس هٿ ڏڏي رهيا هئا، بدن ڏڏي رهيو هو، آواز ڏڏي رهيو هو ۽ ان ڏوڙ جي وچ ۾ سندس آخري - نيزاري به ڏڏي رهي هئي.

"بابا جي شبد پڙهو."

"وهو ..."

گرمک سنگهه وچن ورتو. پيٽي چيو ۽ جهلائيندي رهي ۽ منهن سان "تون گرو بابا - سچي پاتشاه ...." وغيره به چوندي رهي.

وچن پڙهي پيٽيءَ گرنٿ صاحب جي اڳيان هٿ جوڙي بيهي رهي ۽ اٽڪائيءَ سان چاڙهه ۾ ڪمل پان، چوکن، پاڻ - اپراڌن جي معافي پڇڻ لڳي.

گرنٿ تي رومال چاڙهيندي گرمک سنگهه سوچي رهيو هو. هو انسان پاپ ڪري ٿو. پوءِ اهو ڪٿهن به سبب کان ڇو ڪونه ٿيو هجي. پاپ پيدائش ۾ ڏاڍو لڳا سٿائن. گناهن جون پيڙڪر اصولون جهڙوڻ وانگر انسان کي پاڻت پاڻت جا روپ ڏاڍي ڏيکارڻ لئي ٿين. ڪو ورلو انسان ٿي پيدائي ۾ پاپ جي خيالي ڏپ کان پاڻ بچائي سگهندو. پر سب پيدا ۽ پيٽون ته هن وانگر مهل - ڪمهل مندر ۾ نٿا اچن. شايد هن عورت جي دل ڪافي ڪمزور آهي. شايد هن کي ڳرا پاپ ڪيا آهن. شايد هن جو اندر ڪافي روشن ٿي چڪو آهي.

گرمک سنگهه چيو، "مائي، تون اُمروءَ جو اولاد آهين."

"نه، بابا نه، ائين نه چئو." پيٽيءَ زور زور سان سر لوڏيندي چيو، "ڪٿي بابي امرداس صاحب جي

۽ سنڌس زال ٻنهي کي ڪڙهي رهيا هئا. اوتسنگهه جي ٻنهي جي آس پاس ننڍين وڻن جا جهڳٽا هئا. ٻنهي کان ٿورو پري هڪ ننڍي ندي وهندي هئي. اوتسنگهه ان نديءَ جي پاڻيءَ سان پنهنجي ٻنهي کي پاليو هو، پوسيو هو ۽ اهڙي ساوڪ آندي هئي.

آسام جي سرحدن تي رهندڙ گهٽ ذات جي اوتسنگهه جي دنيا، فقط ٻه شيون هيون. هڪ هن جي ٻني ٻي هن جي پياري نيمتارا.

اُهن جهڳٽن مان هڪ آواز آيو. هن وقت ان جهڳٽن کان ٿورو پري ڪم ڪندڙ نيمتارا پنهنجي مغز تان پگهر کي نازڪ آڱرين سان اگهندي مٿي ڏٺو ۽ هوءَ ڀڄي وئي. هن جي منهن مان رڙ پڻ نڪري نه سگهي. اکين اڳيان اونداهي ڇانئجي ويس. هن کي ائين لڳي رهيو هو ڄڻ نه سنڌس پير هيٺان زمين کسڪي وئي آهي. اوتسنگهه هن کان ڇڱو پري ڪم ڪري رهيو هو. مگر سڀ هنجي نزديڪ اچي رهيو هو.

لشڪري پوشاڪ ۾ تيار ٿيل ٻه چيني سپاهي ۽ هڪ ان جو عملدار هٿ ۾ ڪلي منهن ڪن سان بيٺا هئا. ٽنهي جي نظر نيمتارا جي ٽڙندڙ جوانيءَ تي هئي. هنن جي اکين مان ترلاڻي پرکهت تي رهي هئي، ٽنهي مان هڪ اڳيان آيو ۽ دور آيل اوتسنگهه جي ٻوٽ طرف اشارو ڪندي چيو، "هي استري، ڇا هو لوهان جو

وطن جي واسطي

گرداس آهوجا "اجير" (راجڪوٽ)

اوتسنگهه ڀاسي جي وطن ۾ ڪجهه ڇرڪ ٿيندي ڏٺي. هو عجب ۾ پئجي ويو. لڙائيءَ جا ڏينهن هئا. هماليه جي سڄي سرحد ناس ٿي وئي هئي. ٻن جي ميدان ۾ ٻارايه سپاهي جان جي بازي لڳائي مادر ڀوميءَ جي رکيا ڪندي، چين جي چڙهائيءَ کي منهن ڏيندي موت جي شرن وڃي رهيا هئا ۽ چين جي سپاهين کي ٻٽ ٻه دوار ٿي ڀڄائي رهيا هئا. اهڙي ئي حالت ٻيڻا سرحد اي ٻٽ هئي.

ليجپور ڪان ٻن ڏرهان ميل پري هماليه جي گود ۾ وانگي ڀالي شهر هوندو هو، ان شهر جو ڪڙمي اوتسنگهه.

جو پاڻ بہ بيمار ٿي ويو هو. اُهي جوان هئا. اوڌ سنگهه هڪ جوان ڇوڪرو هو ۽ ليمتارا هڪ ٺاڪر جي ڌيءُ هئي. انڪري ٻنهي جي شادي ٿي نٿي سگهي. اهو فيصلو مکي ڏنائي ڇڏيو هو ٻنهي جي دلين دک پيدا ڪيو. مکيءَ ماڻهن جا اوڌ سنگهه ورود ڪن ڀريا هئا. ماڻهن پڻ مکيءَ جي ڳالهه لي اعتبار ڪري هنن ٻنهي کي حيران ڪري ڇڏيو هو. جنهنڪري هي اُهي ڏک ٿي پاسي جي ڳوٺ ۾ ڀڄي ويا ۽ الئي برهمڻ جي ڳانڍيءَ هيٺ شادي ڪري ڇڏي.

شادي ڪري جڏهن هو واپس ڳوٺ ۾ آيا تڏهن ماڻهن هنن لي گارين جي برسات وسائي ڇڏي ۽ ڪوڙ هنن کي چڱيءَ طرح جواب نہ ٿيو ڏئي اٿري قدر جو هنن سان جهيڙو رستو هو انهن بہ رستو ٽوڙي ڇڏيان.

اوڌ سنگهه ۽ ليمتارا ٻنيءَ جو ڪم ڪري ٿڪجي پوندا هئا ۽ ان ٻنيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ اچي ويهندا هئا ۽ ان جي ساهرن هالہ پهاڙ کي ڏسندا هئا. هو ڪيترو وقت انهن نظارن کي ڏسندا رهندا هئا جنهن جي شوبها ڪجهه عجيب هئي ۽ هو ان کي ڏسي ڪري خوش ٿيندا هئا ۽ سڀ دک ڀلجي ويندا هئا.

هي هالہ، هي انهن جو ننڍڙو ڪيس ۽ مٺو آواز ڪندڙ پکي، هيءَ سائي ڌرتي هي سڀ هنن کي

ڳوٺ آهي."

"ها .... ها ...." نينتارا ڌيمي آواز ۾ چيو.

"آدمشماري ڪيتري آهي؟ ...." عملدار پڇيو.

"گهٽ ۾ .... گهٽ .... ٽي ... چار ... هزار ...."

"چڱو ... هو ڪير آهي ...." ڪم ڪندڙ اوتسنگهه ڏانهن آڱر جو اشارو ڪندي عملدار چيو.

پر اندري ۾ اوتسنگهه جي نظر انهن ماڻهن تي پئجي ويئي، هو عجب ۾ پئجي ويو، هن چيني سپاهين کي ڏسڻ سان هڪ پل نه جوش اچي ويو، پاسي ۾ رکيل ڪوڏر، ڪهاڙي کڻي انهن تي حملو ڪرڻ جو من ٿي ويس. پر اندري ۾ هن جو ڪهاڻل من پڪاري اٿيو،
"ڪنهن جي لاءِ؟ هن ڳوٺ لاءِ!؟؟"

هن غصي مان ان ڳوٺ طرف نهاريو، هن ڳوٺ جي پراڻو وچ ۾ هڪ جڳهه هئي. ان ڳوٺ ۾ ان جڳهه ۾ هڪ سوني رهندو هو. هو ڳوٺ جي ماڻهن کان هزارن رپيا لهڻندو هو، سڄي مهني جو هيترو اناج، ڪڙمين جي پگهر جي ڪمائي وياج جي روپ ۾ ان جي گدامن ۾ جمع ٿيندا هئا. قرض نه لٿان هميشه رهندو ئي پيو هو. ان گهر جي پاسي ۾ مکيه جو گهر هو ان جي پٺ جي نظر نينتارا تي هئي. ٻئي مکيه پڻ ايڪتارام ڪسي گهر جي نهن پٽائڻ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي هئي.

نينتارا ۽ اوتسنگهه جون اکيون ٽڪرايون، هن ٻنهي

"اُسانجو مذهب، ڌرم... سڀ هڪ ئي آهن... سڀ ماڻهو هڪ جهڙا آهن."

"هيءَ ڪيمت اسانجو آهي. ڇا توهان جي دنيا ۾ هيءَ ڪيمت اسانجو رهندو؟" نيمتارا پڇيو.

"ڇو نه؟ همت ڪيو ۽ پنهنجي دنيا پاڻ ٺاهيو. اسين هي سڀ ڪجهه توهان کي ڏيندا سين. جيڪڏهن توهان ساٿ ڏيو ته......." ميجر چيو.

اوڌسنگهه جي مغز ۾ طوفان ڪڙو ئي ويو، هڪ پل نه هن جو من چمن جي ڇالمازيءَ ۾ ڦاسندو پئي ويو، نه پئي پل سڀيءَ ڳالهه ۾ دغا نظر پئي آيس. هن غصي پر پل نظرون سان نيمتارا سامهون ڏٺو.

اَڄ ٽائين گروي رکيل ليءَ جي هيرءَ ماڻڪن تيڻ واري هٽي. اوڌسنگهه ويچارن ۾ کوهجي ويو هن کي سڀ ڪجهه، سوني ۽ مکي چمن جي اماريءَ ۾ ناس ٿيندا نظر آيا.

"ڏسو اَڄ رات جو اسين توهانجي ڪوٽ ۾ اچڻ وارا آهيون ڪو سواگت ڪرڻ وارو آهي ڇا؟" چينيءَ سپاهيءَ چيو.

"ڪوئي سپاهي هوندو ڇا؟" ميجر پڇيو.

"ها ميجر صاحب، ليمبو ڪان ڪالهه ئي هڪ ٽڪڙي آئي آهي." نيمتارا چيو.

"اوڌسنگهه جڏهن اهو ٻڌو ته هن جون اکيون

تمام گهڻا پيارا هوندا هئا هن ڌرتيءَ لاءِ هن ڌرتي ۾ جيترا ماڻهو آهن انهن کان به وڌيڪ پيارا هئا هي نظارا. هن ڌرتي جا ماڻهو سوارٿي آهن. ڪلهه آڪاش ۾ وهندڙ نديءَ اهڙا سندر نظارا هئا هتي! هن جي اکين ۾ !!

اوتسنگهه جيئن سپاهين جي ڪئمپ ويجهو آيو هن جي اکين مان ننڊ غائب هو.

”هيءَ ڪهڙي استري آهي.“

”ها“ اوتسنگهه جواب ڏنو.

”چڱو.... چڱو.... جيئندا رهو... ڏسو هي مهر چانڪي آهي... اسانجي آزاد سينا جو آفيسر... ۽ هي انجا سپاهي مان، عملدار آهيان.“

”آزاد سينا جو آفيسر....“ اوتسنگهه غصي ڀريل نظر سان مهر چانڪي کي ڏٺو.

”ها، اسين آزاد سينا جا ماڻهو آهيون سڄي دنيا کي غريبيءَ کان ڇڏائڻ لاءِ آيا آهيون... اسان وٽ نه ڪوئي راجا آهي نه ڪوئي پرجا.... سڀ هڪ سمان آهيون اسان وٽ اهڙي طاقت آهي جو دنيا جي ڪابه طاقت اسانکي ڪجهه به نه ڪري ڪين ٿي سگهي. توهان اسان وٽ جيڪر چاهيو سو ڪري سگهو ٿا.

نيمتارا خوش ٿي ۽ هن کي هٿن جو ساموراڻ پسند آيو. ”آلي (چين ۾) اوچ ۽ نيچ جو ڀيد ڀاءُ آهي ڇا؟“ نيمتارا کان اوچتو وات مان نڪري ويو.

آلي ڪونه هو.

هماليه جي چوٽيءَ تي سورج جا ڪرڻا راند ڪري رهيا هئا، تنهن وقت اُن ٻيءَ ۾ ڪنهن نينگرا جي لاش کي کائي ڇڏيو هو ۽ اُلـي هڪ ڇڙو چڪر لڳـائي رهيو هو.

" نه .... تون منهنجي وار ۾ ... هن هماليه ... هن ٻيءَ ۽ هن آڪاش کي ڇڏي وساري ڇڏيو ... جون کـي پراڻن کان پياري هئين تون ... منهنجي ماسي ۾ تـي ڪري .... دکـ ۾ .... سات ڏيندي هئينءَ .... تنهنجو وار نه ڪوٽ جي ماڻهن سان هو ۽ نه هن مالڪ ڀوميءَ سان .... تون منهنجي جيون ۾ اتر، و ٻه سڪي نـ، سگهينءَ ... ۽ پوءِ اوڏسڪي. اُن لاش جي اکيان ونهي هماليه جـي چوٽيءَ جا سندر نظارا ڏسڻ لڳو ....

ڦاٽي ويون ۽ هن جي آتما پڪاري اٿي، "اوڏا! هيءَ هيءَ تنهنجي ماتر ڀومي آهي تون هن ڌرتي جي مالڪن لاءِ نه پر ڀارت ماتا جي رکشا ڪر!! ڇا تون ماتر ڀومي کي هيئن ناس ٿيندو ڏسي سگهندين؟!!"

"چڱو .... ڪل ڪيترا سپاهي هوندا!؟" ميجر پڇيو.

"گهٽ ۾ گهٽ ...." پر ليفٽيننٽ اهو لفظ پورو نه ڪري سگهي.

"دغاباز ...." چوندي اوڌسنگهه ڪهاڙي کڻي ليفٽيننٽ کي هڻي ۽ هن جو سر ڌار ڪري ڇڏيو. اڃا چيني سپاهي ڪجهه ڪن ئي ڪن ته ليفٽيننٽ لاءِ اوڌسنگهه وڻن جي جهنگن مان نڪري غائب ٿي ويو. چيني سپاهي ڏسندا رهيا.

اُن رات جو ميجر چانگلي سپاهين سان گڏ اُن ڌرتي تي حملو ڪيو. تڏهن هن جي عجب جي حد نه رهي! هٿ ۾ ڀريل بندوق سان اوڌسنگهه ڀارتي سپاهين سان اُن جي ساٿين اڳي رهبر هو. چئن ڪلاڪن جي، لڙائي کان پوءِ به ڀارت جي سپاهين شڪست نه کاڌي ۽ اُتي ته جي ميدان ۾ چيني سپاهين جي مڙدن ڏهن جو هڪ هماليه کڙو ٿي ويو ۽ ميجر چانگلي هار کائي واپس ڇڏن ويو. ڀارتي سپاهين اوڌسنگهه جي "جئه جئه" ڪار ڪئي ۽ "ڀارت ماتا جي جئه" جا نعرا لڳايا. پر اوڌسنگهه

شڪل جي بناوت جي ڏيل کان ڏسجهه، ٿلها اگهندڙ اڇا
ڏند، ڏٿيل ڇاتي، سنهري ڇيلهه، پاري پاري ۽ هلڻ وقت
لهرن ۾ ترڪندڙ ٻيڙيءَ وانگر لڏندڙ اُڙا، لباس اڇو،
سوڙهي سلوار، سوڙهو ڪرتو ۽ چمڪريءَ جو هڪ ننڍڙو
ڏاٿلاڪ ”سر، شايد تڪليف ٿئي وڃي“ اٿو ۽ مون کي
ٻه سال پراڻي ڳالهه ياد اچي وئي. مون کي ان جوڙي
جو ڪو به خيال نه رهيو (۽ ناٽڪي ۾ ڪير ٿو اهڙا خيال
رکي) مان پراڻين يادن ۾ ٻڏي ڪو ڏجي ويس ....

مان هڪ مائٽ جي شاديءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اجمير
وڃي رهيو هوس. سڪول بند هئا. گرمين جون موڪلون
هيون. گاڏي ۾ رش ڏاڍي رهندي هئي. آسمان ۾
سورج جو ٻرندڙ گولو، ڌرتي تتل تئو، ريل جا ڪاڏا
مٽيءَ جا ڪما جن ۾ اسان ڦلن پڪڙن وانگر پچي واس
ٿي رهيا هواسين. ٿرڊ ڪلاس يعني ڪمپارٽمينٽ ڀريل کان
ٻه ڪجهه وڌيڪ. ٽڪيٽ والن لاءِ نا اُميد ڪندڙ هئڙ.
جنهن ڪري ٽڪيٽ سيڪنڊ ڪلاس جي هٿ
ڪئي. اُها ٻه هڪ شاگرد جي مهربانيءَ سان. وچارو
سچي راس وٺي ٻاهري سيمنٽ لي لائين ۾ بيٺو هو.
خير، سندس ٻه ڪو ڪم ڪري ڇڏيو.

سيڪنڊ ڪلاس ۾ ٻه ڪافي ڀيڙ هئي. سمت رزرو

ٻن اسٽيشنن جي
درمياني مفاصلي
واري ڪهاڻي

ليکڪ : عاجز بيدي

اڄ باندرا ٽاڪيز جي اڳيان بس اسٽاپ تي بيٺي جڏهن مون هڪ جوڙي کي ڏٺو. جوڙو، جنهن مان هڪ چاليهن کن سالن جو ٻڍو، گورو، ڪرڙو ، مڇن جا وار اڳيان چٽيل، اکين تي رنگين چشمو، ٽيرالڪاٽن جي گهري رنگ واري قميص، هلڪي آسماني رنگ واري ٽاءِ، گهري سبز رنگ واري سوٽ ۽ ڪاري لوفر شوز ۾ ڏاڍو وانگر سينٽيل ۽ هلڪ وقت انسان ٻڌاءِ رهيو (مڇن جو ماٺو) اڳيان ۽ سندس هٿ ۾ هٿ ڏيئي هلندڙ ڇوڪري جهڙي ڇوڪري، ٻاهر وار ، ساڙهي ڪجهه لنبو چهرو، عجب ڀريل اکيون، چپ سنها هوندي بـ

هڪ اڇاري نظر وجهي مان ٻنهي سيٽ تي ڊريءَ جي پرسان ويهي رهيس.

گاڏيءَ ۾ ٻيو ڪو به ڪونه هو. اهڙيءَ حالت ۾ اڪيلو ڪجهه ڪائڻ مونکي خراب لڳندو آهي. مون ڦاڪن ۾ نيرڙ ڏانهن اشارو ڪندي ان شخص کي چيو، "اچو ...."

ان شخص گاڏي جي شين ڏانهن نهاريو. هڪدم مٿن ڦيري چيائين، "ٻرهمڻ آهيان ...."

"معاف ڪجو ... مونکي خبر ڪونه هئي ..."

"ڪائي ڳالهه ڪانهي."

مون ڪاڏو هڪ طرف سيڙي ڇڏيو.

بزرگ عجب مان پڇيو، "چو؟ ترهان کائو نه؟"

"ٻه ڇٽا هجن نه .... مان اڪيلو نه کائي سگهندو آهيان ...."

"ٻيا. اها ته خراب ڳالهه چئجي .... ٽوڪسي ٻڪر هوندي، مان ته گهران کائي به آيو آهيان ...."

مون ڪند کٽي جهڪايو، ڦاڪن ۾ گوشت کي ڪجهه پاڻ ڏانهن سيرايم ۽ ڏيري ڏيري کائڻ شروع ڪيم.

اوچتو بزرگ جو آواز ڪن تي پيو، "ڪٿان ٿا اچو؟"

"بمبئيءَ مان."

"اتي ئي رهڻ يا ڏهمڻ ويا هئين؟"

نه ڪرائي سگهيو هوس. ڇو ته اُن لاءِ اُجا ڪجهه وڌيڪ پيسا جي ضرورت هئي؛ مون ۾ ايترو صبر ڪونه هو. صبر هجي ها ته ڪٿي به شاديءَ لاءِ به نه پهچان هو. مارواڙ لائين ڪافي ٻيو رهي. ان بعد اڳيو ســڄ ٿي سيڪنڊ ڪلاس ۾ ويٺا آهيون. احمدآباد کان چڙهياسين ته اڳي تي شايد ٿورڊ ڪلاس ۾ اچي ويٺا آهيون. ڇو ته لائين ٻيڙ ٻيڻو ڪر. ساه کڻڻ ۾ به تڪليف ٿئي ٿي. شڪر جو سامان نه ٻاهر هو صرف هڪ اٽيچي، نه ته اسان ان مان صرف هڪ ئي منزل تي پهچي ها.

سينڌرا لائين گاڏو ٽوڪريا خاصي تي وڏو وقت به لڳ واري هئي، گاڏي اجمير لائين هئي؛ ٽوڻن ٻجي پهچڻي هئي. ٻڌو هوم سينڌرا تي هڪ سنڌي ڏابو سٺو گوشت کڻيندو آهي. ٻڪ ته مارواڙ ۾ ئي اڳئي هئي ته سينڌرا لائين مان ڪي آٿت ڏيندو آهو هوس. گاڏو خالي هو. هٿ ۾ اٽيچي ڪٽي هيٺ لٿس. ساهڙون تي ڪافي ٻيو ڏٺم. اهو ئي سنڌي ٻڌڻ وارو هو ڏابي مشڪلات سان ڪجهه ڦاڪا ڪرڻتا، ڪباب، چيرا وغيره وٺي سگهيس. پهچڻي گاڏي وٽ ٻهتس ته گاڏيءَ به چرڻ شروع ڪيو، اٽڪڻ ۾ اٽيچي ڊر تي ڪري ڇڏي پيس. پنهنجيءَ جڳهه تي پهتس ته ڏٺم ته ساهڙنءَ واريءَ سيٽ لاءِ ڏولي ڪارو ٻال وڏن وڏن سفيد مڇن وارو هڪ بزرگ ويٺو آهي. هن تي

۾ گهڙي ويس هٿ ڌوتم، منهن ڌوتم ۽ ٽوال سان چپ اگهندي پڇاڙيءَ سيٽ تي اچي ويٺس. بزرگ اڃا بس خاموش هو، خيالن ۾ گم!

اوچتو بزرگ اکيون کوليون ۽ ڇت کان لڙڪي ۽ ضروري چاڙ کپندي هڻيس ان نوع ۾ پڇيائين، ”پاور هاڻي پاور ايندو نه؟“

مون گهڙيءَ ڏانهن نهاريندي چيو، ”هائو“

بزرگ چپ ٿي ويو.

”ڪو ڪم اٿو پاور ۾؟“

”نه .... پر پٽ، تو سوال ڇا چيو هو؟ .... اهو ٿي چيو هوم نه، ته دل جي پاور وڏي شيءِ آهي؟“

مون ڪجهه نه سمجهندي چيو، ”هائو ... پر ....“

تون سچ ٿو چوين ... دل جي پاور کان سواءِ ڪيان، ڌيان، جپ، تپ سڀ اجايو آهي، پيونگ آهي ... تون ماستر آهين؟ ... ماستر نه؟“

”هائو ....“

”سڪول ۾ ڇوڪرن کي پڙهندا آهن؟“

”هائو ...“

”هاءِ سڪول آهي؟“

”هائو.“

”ميٽرڪ ليءِ به پيپر وٺندو آهين؟“

”هائو.“

"اُتي ئي رهان .... ماستر آهيان .... اجمير مائٽن جي شاديءَ ۾ وڃي رهيو آهيان ..."

"اڇا، ته اجمير ٿو وڃين؟"

"هائو."

"مان به اوڏانهن ئي وڃي رهيو آهيان .... اول ڏٺو اٿيئي اجمير؟"

"هائو، ٻه ٽي سال رهيو آهيان .... گهمڻي مڪلا ۾"

"پشڪر راڄ ويو هوندين؟"

"هائو - پراڻي پشڪر ۾، ڏٺم به ..."

"ڏاڍو پوتر ۽ نرمل استان آهي."

"پنهنجي پنهنجي شرڌا آهي."

"لڳيٿو، پشڪر جي پوترتا ۾ توکي ڪجهه شڪ آهي ..."

"نه، ائين ڪونهي .... پر مان دل جي پوترتا ۾ وڌيڪ وشواس ٿو رکان ...."

دل جي پوترتا ته هڪ ضروري ڳالهه آهي... ڪير ٿيندو ان کان انڪاري .... پر جڳهه جڳهه کي به پنهنجي پنهنجي وشيشتا، پنهنجي پنهنجي ڀاونا ۽ پنهنجو پنهنجو واتاورڻ آهي.

مان کائي چڪو هوس. مٽيءَ جو ڪراو ۽ جوتا پيا درياءَ کان ٻاهر ڦٽا ڪري مون بزرگ جي چهري تي نظر وڌي. هو ڪنهن گهري ويچار ڌارا ۾ مگن هو. مان لڳاتار

ماٺ ڪري ويو "ڏک درد ۽ ڏک انسان جي جيوت جو ڀاڱو آهي . ڪهڙي اها گهڙي آهي جڏهن انسان آجو آهي ڏکن کان؟"

ٻزرگ کان هلڪو ڇرڪ نڪري ويو چپ لڳايس ڄڻ اڪڙ ۾ ڪجهه چوڻ ٿي چاهيائين ۽ هڪدم پاڻ جهلي ويو ۽ ڪجهه دير بعد چيائين، "هائو، پٽ .... ڪير آ ڏکن کان آجو؟ ۽ جڏهن ماڻهو ماڻهوءَ کي ڏک ٿو ڏئي ته دل سهي نٿي سگهي .... ايشور ۽ پرڪرتيءَ جي ڏنل ڏکن سورن کي ته سهي به وڃجي ٿو."

مونکي لڳو هي ٻزرگ چوٽ کاڌل آهي . هلڪي آواز ۾ چيائين "اهو انسان ٿي ڪونهي جو ٻئي کي ڏک ڏئي .... ماڻهو ماڻهوءَ جو سهارو ٿو ٿئي ...."

"چوندا سڀ ائين ٿي آهن ۽ هلت .... خير ڇڏ .... ماستر آهين ڇا؟ .... ائين لڳندو ...."

ته ڪنهن ماستر تي هن ٻزرگ کي ڏکويو آهي ... سوچيم ٽيوشن جا پئسا کائي ويو هوندس، سندس ڪنهن ٻار کي فيل ڪيو هوندائين، يا سڪول مان ڪڍي ڇڏيو هوندائين ...."

"ته، مان چئو ائين ٿو سمجهندس ... ائين ڀلا سڀ هر پيشي، هر ذات، هر قوم ۾ پيا آهن ...."

"ڏاڍي خراب ڳالهه آهي ... ٽيچنا ...."

"ٽيچنا؟ هڪ ماستر ڪئي؟ ڇا ڪيائين؟"

بزرگ منهنجي چهري ڏانهن گهوري نهارڻ لڳو. مان اندر ۾ ته ڄاڻان ٿو پاڻ کي ڪجهه ڪمزور، ٿڪل محسوس ڪرڻ لڳس. لڳو، ڄڻ مان هڪ گنهگار آهيان. پر ڇا جو گنهگار؟ ڪهڙو گناهه ڪيو آ مون؟

ايتري ۾ ڏاڏي بيهي رهي.

"پيا ورو؟" هن پڇيو.

"هائو."

بزرگ کان هڪ هانڪر نڪري ويو. اوچتو مون کي لڳو، هو ڏاڍو دکي آهي. اندر ۾ اهو پيڙا سهي رهيو آهي. هن جو اندر ولوڙجي رهيو آهي. پيڙ رچي رهيو آهي. مون ڏٺو، هن جي اکين جون ڪنڊون ڪجهه پُسل هيون. بزرگ هڪدم منهن ٻئي پاسي ڪيو ۽ رومال ڪڍي ان طرح اکيون صاف ڪرڻ لڳو ڄڻ ڪو ڪک يا ڪا پتري ڪڍي رهيو هجي.

مون ڏاڏيءَ کان ٻاهر نهاريو، اوندهه ڦهلجي چڪي هئي. سنڌيءَ جون لتڙون رات جي سيني جا زخم لڳي اڳيون ۽ ماڻهن جو گوڙ شور ان زخم ۾ سمايل سور ٿي پاسيرا! اُهين ڇو ٿي لڳو، مان سمجهي نه سگهيس. ڏاڏي هلي. ڏاڏيءَ ۾ ڪو به ڪو نه چڙهيو، مون محسوس ڪيو بزرگ اڄا به ڪجهه سوچي ڏئي لي رهيو آهي. دل چاهيو، ڏک جو ڪارڻ پڇانس. ڊپ ٿيو متان ٻر و نه ڏئي. ڏئي جهڙو وڏو ڪ ڏئي نه لڳي ٻر ڪڍان منهن

”پٽ نه سمجهن.“ بزرگ ڪجهه ناخوش ٿيندي چيو، ”ستو سارو سال هو ٻاهر رهيا.“

”سال! ڇا لاءِ؟“

جڏهن واپس آيا ته هن سان گڏ هڪ ٻالڪي وڏڙي هو. ننڍڙو، معصوم ٻار .... سچي مچي مکڻ ۾ مٺائي ورهائي وهٺي ڇو نه اُن حلوائيءَ کي پٽ ڄاتو هو ....

اوچتو بزرگ چپ ٿي ويو، مون سندس منهن ۾ نهاريو ته سندس اکيون آليون ڏٺم .... شايد ڪلو به ٻرچي آئي هوس ... کنگهيائين، اکيون اگهيائين ۽ مرڪيائين، هڪ روئڻهارڪي مرڪ!

”خبر ڪٿوري نه لڪندو آهي .... سنتن جو ڇوڪر آهي نه ٻرٽيءَ تي پاپ ٿو ڪجي ڀرڳهت آڪاس ۾ ٿو ٿئي .... ڪيترو نه هن لڪايو پر ڳالهه نه لڪي ... نه لڪي.“

”پاپ .... پاپ نه لڪيو“ هن ڇڪ سڏڪا ڀريندي چيو ”ماڻهو ڇوڪر لڳا ٻار حلوائيءَ جو ڪونهي ...“

”پوءِ هن جي زال احمدآباد ۾ ڪنهن سان ....“

”ڪند لوڏي بزرگ چيو، ”نه ... نه .... ائين ڪونه ٿي چيائون .... چيائون ٿي حلوائيءَ جي ڌيءَ ڪنهن ماستر مان ٻمت سان ٿي هئي؟ .... ۽ لوڪ اچا جي مارئل پيءَ کي ڌيءَ جي اولاد کي .... حرام جي ٻار کي .... پنهنجو پسار ٻڌائڻو پيو .... ننڍڙ سمجهڻ، ساڻون ٻڌهڻ

”ڇا نه ڪيو اُن پاپيءَ؟ راڪاس ڇا نه ڪيو!“ ٻڙڪ،
جڻ ٻارن سان ڳالهائيندي چيو.

ڪجهه دير هو چپ رهيو. جڻ ڳالهه ٻڌائڻ. نه ٻڌائڻ جي ٻاري ۾ ٻڏتر ۾ هجي. پوءِ اکيون کڻي ڌيمي آواز ۾ چيائين، ”اون ماستر آهين نه؟ ڄاڻان ٿو، توهان جهڙن لکيه ڪتابيون آهن، پر ڀڳوان جي ڳالهه ڪنهن غريب جو ستياناس نه ڪيو، هونئن هڪڙي شرمناڪ ڪهاڻي نـه ٻڌايانءِ ٿو ڪي .... صرف ان لاءِ ٿو ٻڌايانءِ جيئن توهان کو اهڙو ڪم نه ٿي وڃي .... پـڌ .... اُنهن ڏينهن ۾ مان پشاور رهندو هوس ڇانوڻيءَ ۾ .... نالو ڇانوڻي اٿس، پر اُتي رهندا سول ماڻهو ٿي آهن. منهنجي پاسي ۾ ٿي هڪ مارواڙيءَ جو گهر هو. ڇاليهن سالن جو مـارواڙي مٺائيءَ جو دڪان هلائيندو هو. گهر ۾ زال هئس ۽ ڌيءُ هئس هڪ ننڍو پٽ هوس. وڏيءَ ڌيءُ جي شادي ٿي ويئي هئس پر پيءُ وٽ رهيل هئي جـو اڃان ڳؤنو (ساهڙي گهر وڃڻ جي رسم) ڪو نه ٿيو هوس. ٻي ڌيءُ ....نالو به چگو هوس....خير سو آها ٻي ڌيءُ نائين درجي ۾ پڙهندي هئس... سناتن مان وارا ماڻهو هتا ننڍڙي ٻاٽ جي ٻارڙن ڇاولائين سان گهر سنگارو ٿيو هوندو هون.... خير اتيئي هڪ ڏينهن ڇا ٿيو؟ سڄو گهر احمدآباد هليو ويو ...“

مون لڪڙ ۾ چيو، ”پوءِ ان ۾ ڇا ٿيو؟

